صعيم علي پيلار

# رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ جو جائزو

***Abstract:***

**The Complete Evaluation of**
**Rasheed Ahmed Lashar's Poetry**

*The Conclusion of Rasheed Ahmed Lashari's poetry it defined a social problems. He was born on 18 April 1922 at Zarak Khan Lashari's house. He was habitant (رهاڪو) at Malghazar Village in District Naseerabad Sibi Blochistan.*

*He had versatile personality. He had equal knowledge both poetry and prose. His reasarcher work include in Schools, Colleges and Universities syllabus.*

*After his completion of education, never he stayed in single institution. Due to cruel behavior of socialism he wanderd door to door.*

*He got a knowledge from well know two Scholars Molana G. Mustafa Qasmi and Maulana Abdul Hakem ( Ashraf_ul_Uloom Shikarpur). He was famous editor og 'New Life' magazine.*

*In his poetry, define all aspects of society. He used own troubles of life in his poetry. He added 30 books in Sindhi literature.*

*He wrote, poems, Ode's also within in his work. He wrote patriotic songs and sings. Rasheed Ahmed Lashari died on 1970.*

**قديم** دؤر کان ويندي جديد دؤر ۾ سنڌي ادب جي افق تي ڪيترائي چمڪندڙ روشن ستارا ظهور پذير ٿيندا رهيا آهن، جن پنهنجي جوت سان سنڌي ادب جي افق کي تاحيات ابدي روشني ارپي آهي. ساڳاهه جي انهن ڏيئن مان ڪيترائي ڏيئا ۽ ڏياتيون روشن ٿيون آهن ۽ ٿينديون رهنديون . اهڙن ئي جڳمڳ ستارن مان رشيد احمد لاشاري پڻ هڪ آهي.

رشيد احمد لاشاري جي والد جو نالو زرڪ خان لاشاري آهي، جو پورٹ سنڌيمن بلوچستان ۾ ليويز پوليس جو دفعدار هو. تاريخ ولادت : اسڪول جي داخلا





موجب ١٦ مئي ١٩٢٢ع ، پر صحيح تاريخ ١٨ اپريل ١٩٢٢ع ڏينهن چنڇر ."(١)

رشيد احمد لاشاري ڳوٺ ملگزار، نصير آباد ضلعي سبيءَ ۾ پيدا ٿيو، سندس گهراڻي جو تعلق مشهور پڳدار مير گهرام لاشاريءَ جي مامي جي اولاد مان هو.

رشيد احمد لاشاري گهڻ پاسائين شخصيت جو مالڪ هو، نظم تي سندس جيترو عبور حاصل هو، اوترو ئي دسترس نثر تي پڻ هيس. سندس تخليق ۽ مرتب ڪيل ادب اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نصابي ضرورت کي پورو ڪري ٿو. رشيد احمد کي ادبي ماحول حصي ۾ مليو، سندس والد ڪيترن ئي زبانن جو شاعر هو. سندس شروعاتي تعليم اردو ٻولي سکڻ سان ٿي، جنهن ۾ هن چار درجا پاس ڪيا.

رشيد احمد لاشاريءَ جي سر مٿان والد جي شفقت جو ڇٽ هٽڻ بعد ڪيس سندس چاچن پاليو ۽ سندس تعليم حاصل ڪرڻ جو عمل جاري ۽ ساري رهيو.

رشيد صاحب، "سوڀو خان اوڳاهي، تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾، ماستر عاربي خان اوڳاهيءَ وٽ سنڌي پڙهيو ۽ ١٩٣٦ع ۾ فائنل امتحان پاس ڪيائين."(٢)

رشيد احمد لاشاري سنڌي زبان سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي ٻوليون پڻ پڙهيو ۽ انهن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. ڇاڪاڻ ته برصغير ۾ پنهنجي مادري زبان سان گڏوگڏ هر مڪتب ۾ عربي ۽ فارسي ٻولين جي بهترين ڄاڻ ڏني ويندي هئي

سنڌ اهو تعليم يافته خطو رهي چڪي آهي، جتي مشهور درسگاهون ۽ مايا ناز عالم پنهنجي عقل، ڏاهپ ۽ تجربي جي بنياد تي سوين شاگردن جي زندگين کي سنواريندا هئا. رشيد احمد لاشاري به اهڙن ئي برک عالمن وٽان فيضياب ٿيو.

" مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، مولانا عبدالحڪيم (اشرف العلوم مدرسه شڪارپور)، مولانا حبيب الله نيڙهوي ۽ مولانا فقير محمد ڪنڌڪوٽيءَ جهڙن شهرت يافته مُدرسن ۽ عالمن وٽ ان وقت جو مروج فارسي ۽ عربي علوم ۾ ڪنز ۽ ڪافيه تائين تعليم حاصل ڪيائين."(٣)

رشيد احمد لاشاري پڙهڻ واري عمر ۾ دل و جان سان محنت ڪري رڄ جيترو علم حاصل ڪيو ، ان جو دليل نصابي ضرورت کي وڏي جدوجهد سان پورو ڪيائين. اهڙو جاکوڙي هڙئون وڙئون ڏئي سنڌي ادب جي آبياري ڪندڙ ٻيو ورلي ملندو، سنڌ جي شهرت يافته درسگاهن مان علم حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، ڪيس ١٩٤٤ع ۾ پرائمري

اسڪول ۾ استاد طور رکيو ويو. رشيد احمد لاشاري کي هر وقت وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جو اونو رهندو هو

"۱۹۴۷ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان اديب فاضل (اردو) امتحان پاس ڪيائين."[۴]

رشيد احمد علم حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ ڪوشان رهيو، ان عشق ۽ شعور جي اُڃ اجهائڻ لاءِ سندس صوبي پنجاب جي درسگاهہ مان علم پرائڻ اهو پڻ ثابت ٿو ڪري تہ هو، پاڻ ڪريمﷺ جن جي نقشِ قدم تي عمل ڪندڙ شخص هيو. نبي پاڪﷺ جن جي حديث جو مفهوم آهي تہ، علم حاصل ڪرڻ لاءِ اوهان کي پل ڪوهين ڏور وڃڻو پوي تہ بہ گهر گهاٽ، ٻار ٻچا ڇڏي علم حاصل ڪرڻ لاءِ اوڏانهن سفر اختيار ڪيو.

انسان جڏهن پنهنجي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي حَسين بهارون علم حاصل ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلائيءَ ۾ نيڪ نيتيءَ سان قربان ڪري ڇڏي ۽ ڪيس اها مثبت موٽ نہ ملي، جنهن جو هو مستحق هجي، تہ يقيني طور ان جي طبيعت، مزاج ۽ شخصيت وڏي پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿي پنهنجي اصل بامقصد رستي کان پنهنجو تسلسل وڃائي ويهندي.

رشيد احمد لاشاريءَ سان پڻ هن سماج ائين ڪيو، ڪيس ان اک سان نہ پرکيو ويو، جيتري وٽس مٽيا، ڏاهپ ۽ ڏانءُ هيو اهڙي انسان جو معاشرو قدر ڪري ها تہ سندس تخليق واري قوت اڃا وڌيڪ تيز ٿئي ها ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تصنيفون سامهون اچن ها.

ناسازگار ماحول ۽ ڪسمپرسيءَ ۾ هن يگاني عالم نوڪريءَ لاءِ پوري سنڌ جو سير ڪيو، هو جن شهرن ۾ استاد ٿي رهيو، انهن مان ڪجهہ هي آهي.

" ڳڙهي خيرو جمالي، مدرسہ نورالاسلام روهڙي، مدرسہ دارالهديٰ ٺيڙهي، پرائمري اسڪول کهڙا، فيض هاءِ اسڪول گمبٽ، پرڪٽسنگ اسڪول ٽريننگ ڪاليج خيرپور ۽ پرائمري اسڪول آسنمل _ ٽي _اوجها ڪراچي."[۵]

مٿي ڄاڻايل سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۾ لاشاري صاحب کي گهڻو وقت رهڻ ڪو نہ ڏنو ويو، اها حقيقت آهي تہ نيڪ، ايماندار ۽ سچن انسانن کي پنهنجي فرض سان سچي هجڻ تي تڪليفون ڏنيون وينديون آهن، پر ان سماج ۾ ڪي انسان خير خواهہ ۽ اتساهہ ڏيندڙ پڻ هوندا آهن. رشيد احمد لاشاريءَ جي علم ۽ مسلسل جدوجهد جو قدر ڪندي ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي منجهس اڳتي وڌڻ جو جذبو جاڳايو.





"اپريل ۱۹۴۹ع ۾ علامہ مرحوم ڊاڪٽر دائود پوٽي جي عنايت سان، ڪيس حيدرآباد ضلعي لاءِ اٽينري اردو ٽيچر ڪري مقرر ڪيو ويو. جتان اضافي ۽ ترقيءَ سان، ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ استاد مقرر ٿيو."[۶]

رشيد احمد لاشاري هر وقت، هر جڳهہ تي پنهنجون صلاحيتون پيش ڪندو رهيو، سنڌي ادبي بورڊ جي سنڌي لغت واري ڏکئي ڪم ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ خان سان لاشاري صاحب ٻانهن ٻيلي رهيو ۽ سندس خداداد صلاحيتون ڏسي ڪيس ريسرچ اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو.

رشيد احمد لاشاري طبيعت ۾ سچو ۽ کرو انسان هجڻ سبب ڪٿي بہ گهڻو عرصو رهي نہ سگهيو، ان ڪري ٻين جڳهن جيان حيدرآباد کي بہ الوداع چئي ڪراچيءَ ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ ڪيس ادبي ماحول مليو، سازگار ماحول ملڻ سان سندس لڪل صلاحيتون ظاهر ٿيون، لاشاري صاحب فلمن لاءِ ڪهاڻيون، مڪالما ۽ ان سان گڏوگڏ گيت پڻ لکڻ شروع ڪيا. سندس گيت ۽ فلمي ڪهاڻيون ان وقت مشهور ٿيون، پر اتي بہ ڪيس دائمي ٽڪاءُ نہ مليو.

"ان ئي دور ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسڪرپٽ رائٽر مقرر ٿي آيو. هت بہ سندس فن ۽ پيشڪش کي پسندگيءَ جي نظر سان ڏٺو ويو، تاهم دائمي ٽڪاءُ لاءِ وري بہ ڪيس ناسازگار ماحول جو مقابلو ڪرڻو پيو."[۷]

رشيد احمد لاشاري زندگيءَ جا خوبصورت لمحا (جنهن ۾ سندس ذهني اڏام اڃا وڌيڪ پروان چڙهي ها) سماج جي بي حسي سبب اختلاف جي گهيري ۾ رهيا، نہ تہ اهڙو بي باڪ شاعر ۽ نثرنگار سنڌي ادب جي جهول اڃا وڌيڪ اَملهہ موتين سان سرشار ڪري وجهي هان. لاشاري صاحب کي پرسڪون ماحول جيترو بہ مليو، ان مان ڀرپور استفادو حاصل ڪندي ڪيتريون ئي تصنيفون تحرير ڪيائين. سنڌي زبان سان گڏ ٻين ٻولين ۾ پڻ لکيو اٿس.

"'رشيد' سنڌي، اردو، سرائڪي، ملتاني، پنجابي، بلوچي، پشتو، فارسي، عربي ۽ انگريزي زبانون ڄاڻي ٿو. سندس علمي ۽ ادبي، سنڌي ۽ اردو ڪتاب ۳۰ شايع ٿيل آهن."[۸]

مختيار احمد ملاح پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ادب تي هڪ نظر' ۾ رشيد احمد لاشاري جي ڪجهہ ڪتابن جا هينيان نالا ڄاڻايا آهن:

معلم اردو (١٩٥١ع).
سر حسيني (لطيفيات : ١٩٥٤ع).
شاھ جي رسالي جا سر (لطيفيات ١٩٥٤ع).
سر مارئي (لطيفيات ١٩٦٠ع).
شاھ جون وايون (لطيفيات: ١٩٦٢ع).
روح لطيف (١٩٦٤ع).
سر ڪليات عرض تصوف جو آئينو (١٩٥٤ع).
سچل جو سرائيڪي ڪلام (ترتيب ١٩٥٨ع).
اردو اصول (لسانيات ١٩٥١ع).
ڪليات گدا (ترتيب ١٩٥٧ع).
بلي شاھ جون ڪافيون ( ترتيب ١٩٦٢ع)
محسن اعظم ۽ محسنين (مذهبيات ١٩٦٤ع).
حضرت سلطان باهو (شخصيات ١٩٦٤ع).
سچل جو رسالو (ترتيب ١٩٦٥ع).
بيدل جون وايون (ترتيب ١٩٦٥ع).
ديوان رشيد (شاعري).

اهي ڪتاب لاشاري صاحب ان وقت مرتب ڪيا ۽ لکيا، جڏهن سنڌي ادب ۾ اهڙن ادبي تصنيفن جي اڻاٺ هئي. اڄ بہ انهن تصنيفن جي اوتري ئي اهميت آهي، جيتري ان وقت هئي. رشيد احمد لاشاريءَ جي حوالي سان، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي تصنيف 'سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٻيو) ۾ لکي ٿو تہ " رشيد لاشاري ريڊيو ۽ فلمن لاءِ گيت بہ لکيا. سندس ڪلام سنڌي رسالن ۾ موجود هو، جنهن کي سندس فرزند مختيار لاشاري چئن خوبصورت ۽ ديده زيب جلدن ۾ شايع ڪيو آهي. انهن جو تفصيل هي آهي:

رياض رشيد، اردو، بلوچي، پشتو ۽ فارسي (١٩٩٢ع).
سنڌي سوغات (سرائيڪي ڪلام)، ١٩٩١ع.
ڪلام رشيد ( سنڌي ڪلام) ١٩٩٨ع.
لڙڪ ۽ مرڪ (سنڌي ڪلام) ٢٠٠٠ع."[9]





رشيد احمد لاشاري جي شخصيت گهڻ پاسائين هجڻ ڪري ، ڪيترائي زاويا نڪرن ٿا. انهن زاوين مان هتي سندس شاعريءَ جو جائزو مقصود آهي. لاشاري صاحب جي شاعريءَ ۾ هر موضوع ملي ٿو ۽ سندس سمورو ڪلام علم عروض جي قاعدن تي آڌاريل آهي. " هن پنهنجي شاعريءَ ۾ اسلام ۽ پاڪستان جي محبت کي شاندار نموني پيش ڪيو آهي......٢٠ سيپٽمبر ١٩٧٠ع تي وفات ڪيائين."[10]

**رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ لاڙا:**

رشيد احمد لاشاري پنهنجي دور جي مروج لاڙن تي اکيون ٻوٽي هلڻ وارو نہ آهي، ان دور جي شاعريءَ ۾ رعنائي، ڏکين لفظن جي پيچ ۽ ذهن جي خيالي اُڏام عام هئي، ان هوندي، لاشاري صاحب جي شاعريءَ ۾ سليس، سادي ۽ سمجھ ۾ ايندڙ ٻوليءَ ۾ سماجي حقيقت نگاري واضح بيان ٿيل آهي.

يورپ جي ادب ۾ هميشہ اٿل آئي آهي، ان اٿل سبب ڪيترائي نوان رجحان ظهور پذير ٿيندا رهيا آهن.

"انگريزي ادب ۾ 'رومانيت' ۽ 'ڪلاسڪيت' جا لاڙا هميشہ غالب رهيا آهن ۽ ان کان سواءِ جديد ادبي لاڙن جو وقت بہ وقت اثر رهندو آيو آهي، جهڙوڪ : سرريئلزم، وجوديت، جديديت. بعد جديديت."[11]

متي ڄاڻايل لاڙا سنڌي ادب تي گهڻو اثر انگيز رهيا، سنڌ جي اديبن رومانيت، وجوديت، جديديت وغيره جي اثر هيٺ خوب لکيو ۽ رشيد احمد انهن لاڙن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب نہ آندو ۽ آخر تائين مخالف رهيو.

**رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ فڪر:**

اهڙي سوچ جيڪا سموري مضمون ۾ ساڳئي رهي، ان کي فڪر چئبو. فڪر معنيٰ سوچ، خيال. رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ سماجي مسئلن جي اپٽار ٿيل آهي ۽ انهن کي مذهبي ۽ اخلاقي فڪر تحت حل ڪرڻ جو درس ڏنو اٿس. هو سماج جي هر موضوع کي بيان ڪري ٿو، پر ان هوندي سندس جيڪو فڪر وارو نقطو آهي، ان کي هٿان وڃڻ نہ ٿو ڏئي. سماج جي اصلاح، ان جي ڀلائي ۽ واڌاري لاءِ سندس فڪر واضع ۽ صاف رهيو آهي.

**مثال : (غزل)**

**دماغ و دل جو خون ڏيئي ڪيم آباد صد گلشن،**
**بهار آندم بيابان ۾ تہ دشمن ٿي خزان پنهنجي.**
**ستائي ٿو زمين جو ذرو ذرو آسمان بنجي.**
**وڃي هن حال ۾ ڪاڏي هي جان ناتوان پنهنجي.**
**ڪڏهن افشا نہ ٿيندو حال پنهنجي غنچہ دل جو،**
**صبا آهستہ آهستہ ٿئي ٿي رازدان پنهنجي.**(١٢)

**رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ جا موضوع:**

رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ مختلف موضوعن مان چونڊ موضوعن بابت جامع انداز ۾ مختصر اکيڙ هيٺ بيان ڪجي ٿي.

**وطن جي حُبَ:** لاشاري صاحب جي شاعريءَ ۾ انيڪ موضوعن مان حب الوطني پڻ وڏي اهميت جي حامل آهي، جنهن ۾ هن وطن جي پَٽنِ، بَرن، مينهن، ڪڪرن، خوشين، ڏڪن، صبح، شام ۽ جهرجهنگ جو ذڪر ڪيو آهي.

"مينهن وٺا ۽ گلزاريون ٿيون،
هر جا آهن باغ بهاريون،
خوش ڏسجن ٿا هاري....
دل ڪي ديس ڏني دلداري.

مارو مرد متارا مانجهي،
محنت موڪن صبح ۽ سانجهي،
بار ڪٽن ٿا باري....
دل ڪي ديس ڏني دلداري.

ديس جي پڪڙيل پٽر پٽن ۾،
جهنگن، جبلن ٿرن بَرن ۾،
لعل لڌا لاشاري .....
دل ڪي ديس ڏني دلداري.(١٣)





رشيد احمد لاشاري مٿئين نغمي ۾ مينهن وسڻ جي ڪري ديس ۾ خوشحاليءَ جي خوبصورت تصوير چٽي آهي. پنهنجي وطن جي مارن جي صحتمند هجڻ ۽ ٻڪرا بار ڪٽڻ ۽ وطن جي ميداني ۽ جابلو قطارن کي غنيمت سمجهي ٿو.

**عقيدتِ سچل سرمست:**

رشيد احمد لاشاري سنڌ جي بيباڪ شاعر سچل سرمست جي شخصيت ۽ شاعري جي موضوعن، فن ۽ فڪر تي تحقيق ڪرڻ سان گڏوگڏ سندس شان ۾ عقيدت جا گل پڻ نڇاور ڪيا آهن.

ڏسن ٿا اڄ فلڪ وارا، سچل سائينءَ جي تربت کي،
چُمن ٿا چنڊ ۽ تارا، سچل سائينءَ جي تربت کي.(١٤)

اهڙي ڪلام مان سچل سرمست جي باري ۾ سندس دل ۾ عزت ۽ عقيدت مندي ظاهر ٿئي ٿي. هونئن تہ سدائين اوليائن، ۽ صوفي درويشن جي مزارن تي نوراني بارش ٿيندي رهي آهي. لاشاري صاحب سچل سرمست کي ڀيٽا پيش ڪندي اڳتي لکي ٿو تہ:

اکين جي آب سان اڄ عطر باري جي ڪريون بارش،
ڏيون ڀيٽا جگر پاران سچل سائينءَ جي تربت کي.(١٥)

**همت:** شاعر سماج جي مجموعي طور ماضي ۽ حال جي باري ۾ اشارو ڏيندي اڳتي (مستقبل) ۾ وڌڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو.

حال پنهنجي کي سڌاريون هڪ نئين انداز سان،
ظلم ماضيءَ جي وساريون صلح واري ساز سان،
ڇو نہ مستقبل اجاريون همت پرواز سان؟
پاڻ ڇو اجايو توب ۽ تلوار جون ڳالهيون ڪريون؟
نجي دلير آهيون دل بيدار جون ڳالهيون ڪريون!(١٦)

رشيد احمد لاشاري سماج جي حال (موجوده وقت) کي بهتر انداز سان تبديل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ ماضيءَ ۾ ٿيل ناانصافين، ظلم ۽ بربريت کي وساري ترقيءَ جي رستي تي گامزن ٿيڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. پرتشدد طريقن کي ڇڏي، عدم تشدد جي واٽ وٺڻ جو درس ڏئي ٿو، جنهن سان مستقبل روشن ٿيڻ جو پرتوو پڻ پسائي ٿو.

وسيلا ناڪام ، پيار ۾ آهن پڪيئڙا،
ڪوهي ڪنپ اڏام آڪيرا اڏ عرش تي.[١٧]

هن سماج جي ستم ظريفيءَ تي سندس اکيون رت جا ڳوڙها روئن ٿيون. شاعر هن آماجگاه کي رهڻ لاءِ غير محفوظ ۽ انتشار جي جڳهه سمجهي ٿو، ان ڪري پنهنجي پوري طاقت سان هتان اڏامي (لڏي وڃڻ) عرش تي ( صحتمند معاشري) پڪا اڏڻ جي تلقين ڪري ٿو.

**رهنما:**

منهنجو من مهراڻ جيان، نت آٿي ٻوڏان ٻوڏ،
موتي گُهر موتي ڏيان، جي ڪوڏ گهرين ته ڪوڏ،
جهڙي جن جي لوڏ، تهڙو هلان تن سان.(١٨)

رشيد احمد لاشاري پنهنجي اندر (پنهنجي قلب) کي ڇوليون هڻندڙ مهراڻ (سنڌو) سان تشبيهه ڏيندي چوي ٿو ته جيڪي گهرين/جيڪي پڇين ته ٻڌايان، هن سماج ۾ جيڪي ماڻهو جنهن جنهن علم سان لاڳاپيل آهن، انهن کي انهن جي علم منطق سان سمجهايان.

**وحدت الوجود:**

اڪيلو الله، ماڻهون مڙيئي ميڙ ۾،
وحدت منجهان ڪثرت ٿي، پر ڪير ٿئي آگاهه،
آهيان ۽ ناهيان سندي، ڇا سڌڙين کي ساڃاهه،
رندن جي هيءَ راهه پاڻ سڃاڻڻ پانهنجو[١٩]

هن بيت ۾ رشيد احمد لاشاري وحدت الوجوديءَ جي اپٽار ڪئي اٿس، هڪ مان گهڻائي ٿي آهي، پر ان حق کي ڪير ٻه پروڙي ؟ هجڻ ۽ نه هجڻ جي سڌڙين کي ڪهڙي خبر اصل ۾ هي پنڌ رندن جو آهي، اهي ئي هن مام کي پروڙين ٿا.

نوڙت نينهن نياز سدا سونهن سنڌ کي،
صوفي ڏيندا صلح جو سوريءَ تي آواز،
هر سنڌيءَ سان ساز رهندي لات لطيف جي [٢٠]

پيار، محبت، امن، مذهبي رواداري، انڪساري، عاجزي مطلب ته پيار ۽





پاٻوهه جا سڀ انداز سنڌ کي سونهنِ ٿا. سنڌ هميشه صوفين جي ڌرتي رهي آهي. هتي هر تحريڪ، هر نظريو آيو، پر سنڌ واسين ان مان انسانيت کي اجاگر ڪرڻ واريون ڳالهيون پاڻ ۾ جذب ڪري ڇڏيون

سنڌ جا صوفي هميشه پيار، امن ۽ ڀائيچاري واري درس ڏيڻ تان قربان ٿيندا رهيا آهن ۽ اها ريت هلندي پئي اچي. هر سنڌ ڄائو امن پسند ۽ لطيف سائين جي فڪر سان سرشار آهي.

**(ڪافي)**

آهي سيڪا شئي نابود
حق موجود سدا موجود
ڪثرت، ڪانهي، وحدت آهي،
ناهي فاني اصل وجود............ حق موجود،
ڪول اکيون ڏس پنهنجو تماشو،
جيڪو شاهد سو مشهود......... حق موجود،
اول، آخر، ظاهر ، باطن،
هر جا تنهنجو آهه ورود........... حق موجود،
سچل سارو سچ فرمايو،
حق حق ڌاران سڀ بيسود......... حق موجود،
حق سان حق ٿي وڃ ’لاشاري‘،
حق جي ڳالهه نه ڪر محدود.... حق موجود.[٢١]

رشيد احمد لاشاري وحدت الوجود جي پرچار ڪندي وڏي واڪي چوي ٿو ته دنيا جي هر شيءِ ڪڏهن نه ڪڏهن فنا ٿي ويندي پر حق هميشه رهندو. شاعر ابن عربي، جي نظريي تي زور ڏيندي هر شيءِ وڻ ٽڻ، زمين آسمان، سج چنڊ، تارن ڪتين وغيره ۾ هيڪڙائيءَ کي پسي ٿو . انسان کي حق جي پاسي هيڪڙائيءَ جي پاسي راغب ڪندي چوي ٿو ته اکيون پٽِ شاهد ۽ مشهود جدا جدا نه آهن بلڪ هڪ ئي آهي.

**بربريت:** (دوهو)

سڄڻ سفر جو ساٿ ڇڏي ڏي، ڄاڻ پئي برسات،
ڏينهن جون سڀ ڏاڍايون ويندي، ريجهي ايندي رات.[٢٢]

لاشاري صاحب وقت جي ظلم، ڏاڍ، ڌڪاءَ ۽ بربريت ڏانهن اشارو ڪندي

چوي ٿو تہ همٿ هاري لڏي وڃڻ کان منع ٿو ڪري ۽ انقلاب اچڻ جي خبر ڏئي ٿو، جنهن سان ظلم، ستم ۽ سرِ عام ٿيندڙ نا انصافين جي ختم ٿيڻ جي ڳالھ ٿو ڪري ۽ امن، سلامتي، سڪون ۽ فرحت ڏانهن پڻ اشارو ڪري ٿو.

ٻين شاعرن رات کي ظلم ۽ ڏهڪاءَ جي اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي، پر رشيد احمد لاشاري رات کي امن ، خوشي ۽ فرحت بخش طور ڪم آندو آهي. مطلب تہ رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ سماج سان لاڳاپيل تقريباً سڀ اهم موضوع ملن ٿا، ۽ انهن ئي موضوعن ۾ سماج طرفان مليل ڏک، ادارن ۾ سرعام هلندڙ اقرباپروري ۽ ڪسمپرسيءَ جي اهڙي تہ جاندار تصوير چٽي اٿس . سماج جون ڪيس جيڪي شڪايتون هيون انهن کي اندر جي اڇل سان لفظن جو ويس ڍڪايو اٿس، جو سماج جو اهم اوڻايون ظاهر ٿي پيون آهن.

رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعريءَ ۾ سماج جي موضوعن کان وڌيڪ پاڻ سان ٿيل ناانصافين، ڪنهن هڪ جڳهہ تي گهڻي عرصي تائين ذهني سڪون سان نہ رهڻ ۽ سماجي بي حسي ملي ٿي .

رشيد احمد لاشاري ترقي پسند تحريڪ جو مخالف رهيو. رشيد احمد لاشاريءَ جي شاعري عروضي اصولن مطابق آهي. وقت گذرڻ سان سنڌي ادب ۾ ڪيتريون ئي نيون ادبي صنفون آيون پر لاشاري صاحب علم عروض سان نڀايو.

ڏٺو وڃي تہ اڄ بہ سندس شخصيت ۽ ڪلام کي اها اهميت نہ پئي ڏني وڃي، جنهن جو هو مستحق آهي.

## حوالا

۱. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٻيو)، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۰۴.
۲. مهراڻ (شاعر نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۹۰ع، ص: ٦۴.
۳. حوالو، ساڳيو، ص: ٦۴.
۴. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٻيو)، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۰۴.
۵. مهراڻ (شاعر نمبر). سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۹۰ع، ص: ٦۴.
٦. حوالو، ساڳيو، ص:٦۵.





۷. حوالو، ساڳيو، ص: ٦۵.
۸. حوالو، ساڳيو، ص: ٦٦.
۹. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٻيو)، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۰۴.
۱۰. باريچو، مشتاق مسرور، ’جنرل سنڌي‘ ، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، ۲۰۱۸،ص: ۳۸٦.
۱۱. ملاح، مختيار، احمد، ’ادبي اصطلاحن جي تشريحي لُغت‘، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۱٦ع، ص: ۱۹۰.
۱۲. مهراڻ (شاعر نمبر). حيدرآباد : سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹۹۰ع، ص:٦۷.
۱۳. باريچو، مشتاق مسرور، ’جنرل سنڌي‘، حيدرآباد : گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، ۲۰۱۸ع،ص: ۳۱۴،۳۱۵.
۱۴. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٻيو)، سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ۲۰۰۵ع، ص: ۳۰۹.
۱۵. حوالو،ساڳيو،ص:۳۰۹.
۱٦. باريچو، مشتاق مسرور، ’جنرل سنڌي‘ ، گنج بخش ڪتاب گهر، حيدرآباد، ۲۰۱۸ع،ص: ۳۸۸.
۱۷. مهراڻ (شاعر نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ۱۹۹۰ع، ص: ٦٦.
۱۸. حوالو، ساڳيو، ص: ٦٦.
۱۹. حوالو،ساڳيو،ص: ٦۷.
۲۰. حوالو، ساڳيو، ص: ٦۷.
۲۱. حوالو،ساڳيو،ص:٦۹،٦۸
۲۲. حوالو، ساڳيو، ص: ٦۷.